Sindhi - زالون - Wives Scriptures

اِفسين 5:22-24
اي زالون! اوهين پنهنجن مڙسن جون اهڙيون تابعدار رهو جهڙيون خداوند جون. ڇالاءِجو مڙس زال جو سرآهي، جهڙيءَ طرح مسيح ڪليسيا يعني بدن جو سر ۽ انهيءَ بدن جو بچائيندڙ آهي. تنهنڪري جهڙيءَ طرح ڪليسيا مسيح جي تابع آهي، تهڙيءَ طرح زالن کي به سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ پنهنجن مڙسن جي تابع رهڻ گهرجي.
اِفسين 5:31
جيئن لکيل آهي ته
انهيءَ سبب ماڻهو پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ کي ڇڏي،
پنهنجيءَ زال سان گڏجي رهندو
۽ ٻئي هڪ جسم ٿي ويندا.
اِفسين 5:33
اهو اوهان سان به لاڳاپو رکي ٿو ته اوهان مان هر هڪ مڙس کي پنهنجيءَ زال سان اهڙي محبت ڪرڻ گهرجي جهڙي هو پاڻ سان ٿو ڪري ۽ زال کي به پنهنجي مڙس جو ادب ڪرڻ گهرجي.
1 ڪرنٿين 7:3-5
هر مڙس کي پنهنجيءَ زال جو حق ادا ڪرڻ گهرجي ۽ ساڳيءَ طرح هر ڪنهن زال کي پنهنجي مڙس جو. زال پنهنجي جسم جي مالڪياڻي نه آهي پر سندس مڙس ۽ ساڳيءَ طرح مڙس به پنهنجي جسم جو مالڪ نه آهي پر سندس زال. اوهين هڪ ٻئي کي حق ادائيءَ کان محروم نه ڪريو، پر پلي ٿوري وقت لاءِ هڪ ٻئي جي رضامنديءَ سان ائين ڪريو، ته جيئن اوهان کي دعا گهرڻ لاءِ وقت ملي. پوءِ وري پاڻ ۾ ملو. متان پرهيزگاريءَ جي گهٽتائيءَ سبب شيطان اوهان کي برغلائي وجهي.
1 ڪرنٿين 7:34
اڻپرڻيل يعني ڪنواري عورت خداوند جي ڳالهين بابت انهيءَ فڪر ۾ آهي ته هوءَ ڪيئن جسم ۽ روح جي لحاظ کان پاڪ رهي. پر جيڪا پرڻيل آهي، تنهن کي اهو فڪر آهي ته هوءَ ڪيئن مڙس کي راضي ڪري.
ڪلسين 3:18
اي زالون! پنهنجن مڙسن جي تابعداريءَ ۾ رهو، ڇوته خداوند جون هئڻ ڪري اوهان لاءِ اهو مناسب آهي.
1 تيمٿيس 2:11-15 (پيد - شروعات 3:16)
عورت کي گهرجي ته ماٺ ڪري پوري تابعداريءَ سان تعليم حاصل ڪري. آءٌ اجازت نه ٿو ڏيان ته عورت مرد کي تعليم ڏئي يا مٿس حڪم هلائي، بلڪ خاموش رهي. ڇالاءِجو پهريائين آدم جوڙيو ويو ۽ پوءِ حوا. جيئن ته آدم ٺڳيو نه ويو، پر عورت ٺڳجي ويئي ۽ گناهه ۾ گرفتار ٿي. 15تنهن هوندي به ٻارن ڄڻڻ سان عورت بچي ويندي، بشرطيڪ هوءَ ايمان، محبت ۽ پاڪيزگيءَ تي پرهيزگاريءَ سان قائم رهي.
1 پطرس 3:1-6
اي زالون! ساڳيءَ طرح اوهين به پنهنجن مڙسن جون تابعدار رهو، انهيءَ لاءِ ته جيڪڏهن

انهن مان ڪي پاڪ ڪلام کي نہ مڃيندا هجن تہ اهي پنهنجين زالن جي هلت چلت جي
ڪري، چوڻ کان سواءِ ئي خدا جي طرف ڇڪجي اچن، يعني جڏهن اهي اوهان جي
پاڪيزه ۽ ادب واري هلت چلت ڏسن. اوهان جو سينگار، وارن ڳتڻ، سونا زيور پائڻ ۽
عمدن ڪپڙن پڪڻ وارو ظاهري سينگار نہ هئڻ گهرجي. ان جي بدران اوهان جي باطني
انسانيت، حليم ۽ غريب طبيعت جي غيرفاني سينگار سان سينگاريل هجي. خدا جي نظر ۾
انهيءَ جو وڏو قدر آهي. اڳئين زماني ۾ بہ پاڪ عورتون جيڪي خدا ۾ اميد رکنديون
هيون، سي پنهنجي پنهنجي مڙس جون تابعدار رهي انهيءَ ريت پاڻ کي سينگارينديون
هيون. اهڙيءَ طرح ساره ابراهيم جي حڪم ۾ رهندي هئي ۽ کيس پنهنجو آقا چوندي
هئي. اوهين بہ انهيءَ جون ڌيئر آهيو، بشرطيڪ نيڪي ڪريو ۽ ڪنهن بہ خوف جو
.شڪار نہ ٿيو

طيطس 1:2-5

پر تون اهي ڳالهيون بيان ڪندو رهہ، جيڪي صحيح تعليم جي موافق آهن. پوڙهن مردن کي
سمجهاءِ تہ اهي پرهيزگار، مانائتا ۽ پاڻ تي ضابطو رکندڙ ٿين ۽ ايمان، محبت ۽ صبر تي
.قائم رهن
ساڳيءَ طرح پوڙهين عورتن کي سمجهاءِ تہ اهي هلت چلت ۾ پاڪيزه هجن. اهي گلا ڪندڙ يا
مئي جون عادي نہ هجن، بلڪ چڱيون ڳالهيون سيکارڻ واريون هجن. انهيءَ ڪري جو
اهي جوان عورتن کي تربيت ڏين تہ پنهنجن مڙسن ۽ ٻارن سان پيار ڪن، سمجهُو ۽
پاڪدامن هجن، گهر ۾ ڪم ڪار ڪندڙ، مهربان ۽ پنهنجن مڙسن جون تابعدار هجن تہ
.جيئن خدا جو ڪلام بدنام نہ ٿئي

ٿسلونيڪين 5:11-7 ۱ 1

جيڪا عورت پنهنجو سر اگهاڙو ڪري دعا ٿي گهري يا خدا جو ڪلام ٿي ٻڌائي، سا پنهنجي
سر جي بيحرمتي ٿي ڪري. اهو ائين آهي جيئن ڪنهن عورت جو مٿو ڪوڙيل هجي.
جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجو سر نہ ٿي ڍڪي تہ وار بہ ڪترائي ڇڏي. پر جيڪڏهن
ڪنهن عورت لاءِ وار ڪترائڻ يا ڪوڙائڻ شرم جهڙي ڳالهہ آهي، تہ پوءِ پنهنجو سر
چادر سان ڍڪي. مرد پنهنجو سر نہ ڍڪي، ڇالاءِجو هو خدا جي صورت ۽ جلوو آهي، پر
.عورت مرد جو جلوو آهي

ٿسلونيڪين 11:10 ۱ 1

.سو ملائڪن جي اڳيان اختياري ڏيکارڻ لاءِ عورت کي سر ڍڪڻ گهرجي

چوڻ **Proverbs 12:4; 14:1; 19:13; 21:9,19; 25:24; & 27:15,16 - contentious & angry woman** زالون

چوڻ **Proverbs 31:10-31 - The Virtuous Woman** زالون .

Pastor T. John Franklin
Church of Salvation, Healing, and Deliverance
COS-HAD.org